SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XLVIII مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.XLVIII OF 1984

سنڌ لوڪل گورنمينٽ (پي ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول II جي ترميم

Amendment of Schedule II to Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول III جي ترميم

Amendment of Schedule III to Sindh Ordinance XII of 1979

سنڌ آرڊيننس نمبر XLVIII مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.XLVIII OF 1984

سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[20 نومبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڈيننس، 1979 ۾ ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڈر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ٻي

ترميم) آرڊيننس، 1984 سڌيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاڙايل آرڊيننس چيو ويندو ان جي شيڊول II ۾، عنوان "آپشنل فنڪشنس" هيٺان:

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول II جي ترميم

Amendment of Schedule II to Sindh Ordinance XII of 1979

(a) پيراگراف 32 ۾، شق (c) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(d) مسجدن لاءِ زمين جي نشاندهي، جتي ضروري هجي."؛

(b) پيراگراف 36 جي ذيلي پيراگراف (3) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ هن پيراگراف تحت ڪو به قدم نہ کنيو ويندو جيستائين متاثر شخص کي ٻڌڻ جو موقعو نہ فراهم ڪيو وڃي."

(c) پيراگراف 61 ۾، شق (d) کانپوءِ، هيٺين نئين ذيلي شق شامل ڪئي ويندي:

"(dd) مذهبي تعليم جي فراهمي ۽ ترقي؛"؛

(d) پيراگراف 69 ۾، شق (d) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ

هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"مسجدن جي تعمير ۽ مرمت ڪرائڻ."

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي شيڊول III ۾ عنوان "آپشنل فنڪشنس" هيٺان:

(a) پيراگراف 8 کانپوءِ هيٺيون نئون پيراگراف شامل ڪيو ويندو:

"8-A. مذهبي تعليم جي فراهمي ۽ ترقي."؛

(b) پيراگراف 70 کانپوءِ هيٺيون نئون پيراگراف شامل ڪيو ويندو:

"71. مسجدن جي تعمير ۽ مرمت."

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڈول III جي ترميم

Amendment of Schedule III to Sindh Ordinance XII of 1979

نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.